ماهوار

# سُهڻي

مئي ١٩٧٣ع



معياري ادب پيش ڪندڙ

ماهوار

# سُهڻي

مئي – ١٩٧٣ع

سال: ٤ نمبر: ٥

ايڊيٽر

طارق اشرف

قيمت: ٢-٠٠ سال لاءِ: ٢٠-٠٠

آمريڪا ۾: هڪ ڊالر

سهڻي پبلشرز
الهندو ڪڇو،
حيدرآباد، سنڌ.

**SOHNI** PUBLISHERS
F/45--750 WEST KUTCHA,
HYDERABAD. SIND.

# ترتيب


پنهنجي طرفان.... طارق اشرف ٣

## ڪهاڻيون

تون منهنجي لاءِ هيرو آهين وشنو ڀاٽيا ١٤
توکي ڀلجي ڪين ڀلائيندس گل محمد چنو ١٥
حڪم ڪر... (اٽلين ڪهاڻي) البرٽو موراويا ٤٨

## شعر

بيت شيخ اياز ٥٨
نظم فتاح ملڪ ٦٠
گيت قيوم طراز ٦٣
غزل زيب ڀٽي ٦٥
غزل سيد اڪبر ٦٦
غزل مير محمد پيرزادو ٦٧
نظم (چيني شعر) توفو ٦٨

## مضمون

سنڌي ٻولي ۽ رومن رسم الخط غلام محمد ٽالپر ٧٥

## تنقيد ۽ رايا

پڙهندڙن جا خط پڙهندڙن وٽان ٨٣


ٽائيٽل ڊزائين : چندر

(سڀئي حق ۽ واسطا قائم)


سيد سليم شاه قادري، شاهد پرنٽرز، صدر حيدرآباد سنڌ، مان ڇپرايو.
ٽائيٽل: سهڻي پرنٽرز، الهندي ڪچي حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپيو.

# پنهنجي طرفان....

## نعپ

▲ نعپ جي ڪنڌي سياسي ڪردار متعلق هاڻ ڪنهن کي به شڪ نه رهيو هوندو. ائين ته پاڪستان جي ڪابه اهڙي پارٽي ڪانهي، جنهن سياسي قلابازيون نه کاڌيون هجن. پر نعپ جيڪو گندو رول ادا ڪيو آهي، تنهن جو مثال ورلي ملندو. هاڻ رجعت پسند پارٽي مودودي جماعت ۽ نعپ ۾ ڪوبه فرق نه رهيو آهي. ها جيڪر ٻنهين پارٽين ۾ فرق آهي ته اهو، جو مودودي جماعت شروع کان ئي رجعت پسند پارٽي آهي، ۽ رجعت پسنديءَ جو پرچار شروع کان ئي کليو کلايو ڪندي اچي. پر نعپ شروع کان عوام کي بيوقوف بنائڻ لاءِ ترقي پسند جو نعرو هڻندي اچي. پر آهستي آهستي سندس اصليت پڌري ٿي ويئي. ۽ هاڻ نعپ کي ترقي پسند پارٽي چوڻ يا سمجهڻ بيوقوفي کانسواءِ ٻيو ڪجهه ڪونهي.

▲ نعپ جي منشور کي ڏسو، ۽ پوءِ نعپ جا ڪرتوت، ته پتو پوندو، ته انهيءَ پارٽيءَ رڳو عوام کي بيوقوف بنايو آهي. انهن سيڪولرازم جو نعرو هنيو، پر سرحد ۽ بلوچستان ۾ اسلام پسند پارٽي جمعيت علماء اسلام سان گڏجي حڪومت ٺاهيون. انهنجي منشور ۾ سنڌي، بلوچي، پشتو ۽ پنجابيءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو حاصل آهي، پر جڏهن سندن حڪومت آئي ته انهن سرحد ۽ بلوچستان ۾ اردوءَ کي سرڪاري ٻوليءَ جو درجو ڏنو. نه فقط اهو، بلڪ سنڌ ۾ ٻوليءَ جي مسئلي تي پناهگيرن جي ڪرايل فساد ۾ به، پناهگيرن جو طرف ورتائون. نه فقط اِهو، بلڪ جنهن جماعت سان (مفتي محمود پارٽي) گڏجي حڪومت ٺاهيون، انهنجي پاران جيڪو هٿ ٺڪيو وفد سنڌ ۾ جانچ لاءِ آيو هو، تنهن پنهنجي رپورٽ ۾ ڄاڻايو هو ته: سنڌ ۾ فساد سنڌين ڪرايا، ڏوهه سنڌين جو آهي. پر نعپ جيڪا سڀ کان وڏي ڳالهه ٿي ڪئي، جنهنڪري اسانجي همدردي به نعپ سان هئي، سا هئي صوبن جي مڪمل خودمختياري، پر پوءِ سمجهي ڏنو ته نعپ صوبن جي مڪمل خودمختياري

تون منهنجي لاءِ رهبر آهين
توکي ڀلجي ڪين ڀلائيندس
حُڪم ڪر...

(اِٽلين ڪهاڻي)

# ڪهاڻيون

وشنو ڀاٽيا
گل محمد چنو
البرٽو موراويا

”تو کي هتڙو پوندو.“

”مان پنهنجي راءِ تي اٽل آهيان.“

ميڙ وڌي آيو. هو لڙهي ويو. ڪنهن ڪيس ڌڪو ڏيئي هٽايو. دروازو کليو. ٺڙاٺڙ شيشي ڀڄڻ جا آواز آيا. شيلفن مان ڪتاب نڪرڻ لڳا. ڪتابن جي چؤطرف شاگردن جو گهيرو آهي. هو گهيري کي ٽوڙڻ چاهي ٿو. ٽوڙي نٿو سگهي. ميڙ جي زور اڳيان اڪيلي جي ڪهڙي هستي؟

اوچتو پوليس جون سيٽيون وڄڻ شروع ٿين ٿيون. شاگرد ڏسندي ڏسندي گم ٿين ٿا. هو ٻاهه وسائڻ چاهي ٿو. پر ڇا سان وسائي. هيٺ شاگرد پوليس سان الجهيل آهن. هڪ پوليس وارو هڪ شاگرد جي مٿي ۾ لٺ هڻي ٿو ڪڍي. گوپال چپ چاپ بيٺي ڏٺو. ’ڇا مان ائين ئي تماشو ڏسندو رهيس؟‘ شاگرد جي مٿي مان رت وهڻ لڳي ٿو. رت ـ ڳاڙهو ڳاڙهو رت. ’پوليس کي ڪهڙو حق آهي شاگردن جي معاملي ۾ دست اندازي ڪرڻ جو؟‘ گوپال کي جوش آيو. ’هڪ شاگرد رتورت ٿئي ـ مان نه ڏسي سگهندس.‘

هاڻ گوپال پاڻ روڪي نه سگهيو. لئبرري ۾، زمين تان پيل ٻه پٿر کڻي هن حوالدار ڏانهن اڇليا. پٿر حوالدار جي اک ۾ لڳو. حوالدار جو رت وهندو ڏسي، پوليس جو عملو وحشي ٿي پيو. هوائي فائر ڇٽن ٿا. پر شاگرد به ساڻن الجهيل آهن.

هڪ گولي گوپال جي ٻانهن ۾ لڳي ٿي. هنجي چؤطرف دنيا ڊگمگائيندي نظر آئي. بيهوش ٿيندي ٿيندي، ريکا جو آڻ - چٽو اميج (تصور) هنجي اکين ۾ لهرائي ٿو ـ ”تون مونلاءِ هيرو آهين.“

انداز هو- تہ ڇا هيءَ اها ئي 'مونالزا' آهي، جنهنجي ياد قائم رکڻ لاءِ، مان پنهنجي منڙيءَ کي ممالن کان 'شهنو' ڪوٺيندو پيو اچان؟ ڇا هيءَ اها ساڳي 'شهناز پروين' آهي، جنهنجي ڳولا ۾ مان پنهنجن دوستن سميت حيران پريشان هوس. ڇا هيءَ اها ئي ايجنٽ عورت هئي، جنهنجي حسن جي تاب جو اثر اڃا بہ منهنجي دل تي آهي؟

منهنجي دل ۾ درد جي هڪ سٽ اڀري . ائين معلوم ٿيو ڄڻ ان درد کان دل ڦاٽي پوندي. منهنجو انگ انگ ان سور کان لڇي پيو، منهنجو جسم ان پيڙا ۾ پسجي ويو. مونکي سمجھہ ۾ نٿي آيو تہ هيءَ ڪهڙي ماجرا هئي. آخر مان ڇا محسوس ڪري رهيو هوس ۽ ڇو؟ پر ٺڏهن بہ مان دل جهلي نہ سگهيس.

مون آئي وڃي بتي ٻاري ۽ هن تي هڪ نظر وڌم. ها، هيءَ اها ساڳي 'شهناز پروين' هئي. منهنجي دل ٻڏي ويئي. منهنجي خيالن جو تاج محل مسمار ٿي ويو . جنهن عورت جي مون سالن جا سال پوڄا ڪئي هئي، جنهن حسن جي مجسمي کي مون سوين سجدا ڪيا هئا، جنهنجي چپن تي 'مونالزا' جي لازوال مُرڪ هئي ، سا وهندڙ درياه هئي ، جنهنجو فائدو سڀڪو وٺي ٿي سگهيو . ايتري بلندي تان ايتري پستي! ائين ٿيڻ ناممڪن، بلڪل ناممڪن.

منهنجي دل دعا گُهري تہ خُدا ڪري اها نہ هجي. مون چاهيو پئي تہ سيتا جو سَت ۽ مريم جو تقدس سلامت رهي. ماروئيءَ جي نانءَ تي آنچ نہ اچي . مون دل کي دلداري ڏني تہ عورتون هڪجهڙيون ٿي سگهن ٿيون. ان واقعي کي ڪئين سال ٿي ويا آهن. آءٌ ڀلجي بہ سگهان ٿو. ڪٿي سندس شهر، ڪٿي هي شهر . ائين ٿي نٿو سگهي. ائين هرگز نہ ٿيندو. منهنجي مونالزا اها هرگز ٿي نٿي سگهي. هرگز نہ، بلڪل نہ....

هوءَ واڻڙي تي مونکي ڏسي رهي هئي. ڪيس پتو ئي نٿي پيو تہ آخر ڇا قصو هو؟ اوچتو ئي اوچتو مان ڪهڙن ويچارن ۾ ٻڏي ويو هوس. سندس لازوال حسن، اڻڄاڻائيءَ جي پردي هيٺان، وڌيڪ پُرڪشش ۽ دل کسيندڙ ٿي پيو هو. سندس معصوم چهري مان معلوم ٿي ٿيو تہ ڄڻ ڪيس گناهہ ڪڏهن ڇهيو بہ ڪين هو. پر

پنهنجي نامراد دل کي ڇا ڪريان ها، جا بار بار رُئندي رڙندي چئي رهي هئي ته اها ساڳي آهي، اها ساڳي آهي.

طلسم ته ٽٽي چڪو هو. مون دل ئي دل ۾ حقيقت تائين پهچڻ جو عهد ڪيو ۽ ڪائنٽس پڇيو، "ڪيا آپڪا نام شهناز پروين هے؟"

هن حيرانيءَ منجهان مونکي گهوريو، ڪا گهڙي ماٺ رهي، پوءِ هن ڪنڌ ڌوڻي ها ڪئي. مان هزارن فوٽن جي اوچائيءَ تان ڪري وڃي ڪنهن کاهيءَ ۾ پيس، اکين اڳيان اونده اچي ويم. سوين نانگ هڪ ئي وقت ڏنگي ويا. منهنجو روح چيخي آٿيو.

مون ڪيسي ۾ هٿ وڌو، جيڪي هوم سو ڪيس ڏيئي ڇڏيو. ڏکندڙ زبان سان چيم، "آپ يهان سے چلی جائين، چلي جائين، چلي جائين." ۽ بستري تي ڪري پيس. حسين يادن جو محل ڊهي اچي پٽ پيو. اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. مون فيصلو ڪيو ته آءٌ پنهنجي زال کي وري ڪڏهن به 'شهنو' ڪري نه سڏيندس، ڪڏهن به نه. هرگز نه.

---


سنڌيءَ جي برک ڪهاڻيڪار

## نجم عباسي

جي ڪهاڻين جو نئون مجموعو

# پٿر تي ليڪو

۲۰ بهترين ڪهاڻيون، ۱۹۸ صفحا،

وڻندڙ ٽائيٽل گرد پوش سان

قيمت: ۴ رپيا

گهرائڻ لاءِ لکو:

**محمد شفيع**

نيوز پيپر ايجنٽ، ڪاڏي ڪاتو، حيدرآباد، سنڌ

هاڻي مونکي ڇا ڪرڻ گهرجي. انهيءَ سوچ ۾ ڪپڙا بہ پائي ورتم. منهنجي زال جي اچ وڃ لڳي پئي هئي. سوٽ ڪيس بند ڪري دري وٽ وڃي هيٺ تي ڏٺائين ۽ پوءِ موٽي اچي منهنجي مٿان تي بيٺي. منهنجو جوش وڌي ويو، مون رڙ ڪندي هنکي چيو، ”تون مونکي نٿي ڇڏي سگهين.“ ۽ نڪ تي مُڪ وهائي ڪيڏي مانس. هوءَ ٿاپڙجي، چڪر کائي، منهنجي مٿان اچي ڪري. مون ڪيس کولي، هنڌ تي اونڌي منهن سمهاري، ٻانهون پٺتي ورائي ڇڏيون مانس.

منهنجي لاءِ هاڻي ڪافي وقت بچيل هو، جو مان پئي حڪم جي تعميل ڪري سگهان. مون سوٽ ڪيس ۾ ٽائيپ رائيٽر رکيو ۽ لفٽ ذريعي هيٺ لهي ويس. ڪار ٺيڪ دروازي جي ٻاهران بيٺي هئي. شيشي جي چمڪ ڪري ڊرائيور مونکي ڏسي ڪونہ سگهيو. ڦري ڪار جو دروازو کوليم ۽ سوٽ ڪيس، رائيپ رائيٽر سوڌو ڪار ۾ رکيم.

پوءِ ٽڪڙو ٽڪڙو واپس فليٽ ۾ آيس ۽ صوفي تي ڄنگهون ٽيڙي، ٻانهون ٻڌي، اکيون پٺي خالي ڇتين ۽ ڇت کي گهوريندي، کنهن پئي حڪم جو انتظار ڪرڻ لڳس.

---


# اڻ وسرندڙ ڪهاڻيون

## ( ريگستاني ڦول )

هڪ اڻ لڀ ڪتاب

١٣ وڏن ڪهاڻيڪارن جون

١٣ اڻ وسرندڙ ڪهاڻيون

ٽہ رنگو ٽائيٽل　　　　قيمت: ٥٠ـ١

سوڀي پبليڪيشن

الهندو ڪڇو حيدرآباد، سنڌ

بيت
نظم
گيت
غزل
غزل
غزل
نظم

# شعر

شيخ اياز
فتاح ملڪ
قيوم طراز
زيب پنهي
سيد اڪبر
ميرمحمد پيرزاد
نوفو

شيخ اياز

# جي تو سڌ سڳنڌ جي

جي تو سڌ سڳنڌ جي ٿاريءَ ٿاريءَ ٽيڙ،
ها، تون هيئن نہ ڪيڙ، هيڪل پنهنجي هانوَ ۾.

جي تو سڌ سڳنڌ جي هان هي موڪيءَ مٽ،
پهرين سيرَ جي سٽ، پوءِ سري جون سرڪيون.

جي تو سڌ سڳنڌ جي آءُ وڻيءَ ڏي وڌ،
مُلهہ مهانگو مڌ، چڪيءَ چڪتو جيئڙو.

جي تو سڌ سڳنڌ جي قول آسانجو ٽٽ،
مور نہ تنهنجو مٽ، ڪوئي گل گلاب جو،

جي تو سڌ سڳنڌ جي تار نہ سيرَ جي سٽ،
ڳوڙا پاڻ نہ ڳٽ، آڌن جيڪي آ جهو.

ڳوڙا پاڻ نہ ڳٽ، هي چٽ ٿانگر تاريون،
سيرَ جي ڏيئي سٽ، آجو ٿي انباهہ کان.

مَنڇرَ تــي مـــاريءَ اڄُ به ماريون هنجرون،
ڪڇيوُن رُتَ چڪندڙيون واتَ مٿان واريءَ،
ڪيڪيءَ جي ڪاريءَ چا چا ڪَنيپَ ڪٽي ويو!

جَرَ تي لٿين جيئن شـــال مَرين هــا هنجڙا!
ڪا نِهارَ نَ سانَ ڪيئن گهاريئه ايـڏا ڏينهڙا؟

ڪونجو! مون چاتي پٿي ساري ماريءَ مامَ،
اوچي ڳاٺِ آڏامَ، پوءِ به مـــونکي آئُڙي.

ڪونجو! ڪَرڪوَ پـــارَ ڏي نهٺي نياپو،
'مُنهنجو جياپو ســارَ، اوهان جـــي سُپرين.'

هَلَنِ هاريون ڪونجَڙيون اِجهو چاڻُ وَيون،
ڪَڙِي روهَ رَيون، آڏيءَ جو آلاپَ سان.

هَلَنِ هاريون ڪوُنجڙيون گهٽو نه گهارِين،
سَدائين سارِين، تن کي راتيون روهَ جُون.

هَلَنِ هاريونُ ڪونجڙيون، وِهائيءَ آڪاسُ!
رهندو روهُ آداس، تــن لئه ڪيئي راتڙيون.

هَلَنِ هاريون ڪُونجڙيون روڪي ڪونهُ رَهَنِ.
ويندِي واڪا ڪَنِ، ڪَهنڌِي ڪاريءَ رات ۾.

ڪونجو! ڪاريءَ رات ۾ سَنپُ ڪُجهه آڪَنڪُنُ،
چوڏاري چُنڪُنُ، رائي انـــدر روهَ جي.

فتاح ملڪ

# ٻه ٻار

ڀوريون -

امڙ آءُ وڏو جـي ٿيندس
ڏسجان آخر ڇا ڇا ٿيندس
پنهنجي ٻيءَ ڏڱاڻي وانگي
ليئيل جيئڻ وهاڻي وانگي
ڪٿ تي ويهي ڏرڏو ماري
هاري ناري هيٺ وهـاري
هرڪنهن نياڻي ڳار ڏريندس
امڙ آءُ....

پنهنجو سرخو گهوڙو سنجي
ويندس تنهنکي ڪوهن ڪنجي
ڪڙمين جو ڪو ننگ نهاري
ڇوندس تنهنکي اچ ڪنهن لاري
يا ڪنهن مانيءَ ڪيپي سهاري
ڏمـر جـي ڏاڍ ڏيـڪـاري
آڻي پنهنجو ڇوهو ڇنڊيندس
امڙ آءُ....

## ٻئو

پر هُو ڪـڙميءَ وارو ڇورو
مونکي لڳيتو جيئن ڪو ڀورو

ڪـالهہ چيـائين ڀونگي ڦيري
سارا ڪندو ڍنـــگر ڍيـــري

ڇو جو تن مان ســيءُ لـڳيتو
هُن جو سارو جـــيءُ ڏڪيتو

ڀيڻ بہ روئي ڀـاءُ بہ روئـــي
ٻئس ڍي ٿـــو لـڙڪ سموئي

تنهن لئہ ٻڪـــو گهر اڏيندو
تنهن ۾ چڙ هو ڇا ڇا نيندو

ڀيو ڇا هُن ڇيو هو مونـکي
ڳهلي هيئن ڇيو هو مونـکي

ســاري وڏيـــري واري ٻني
هنجي ٽيندي جيئن ڪا ونـي

پو هو سارا ڪـــڙمي ميڙي
گهلي ايندو پنهنجي ويڙهـــي

سارا خـــالي پـــات ڀـرينڊا
گڏجي پو هـو جاٽ جهلينڊا

هر ڪنهن گهر پو آنُ ڌرينڊا
ڏسندس ڪــهڙو ڌَنُ ڌرينڊا

پنهنجي اگهاڙي ماءُ کي آٽي
پنهنجي مــرنڊڙ ڀاءُ کي آٽي

ڪپڙو ڏيندو درمل دارون
تن جون ڪندو سڀ سنڀارون
ڪوجي ڪنهنجي لڄ تڪيندو
پل جي خان وڏيندو ايندو
تنهن کهاڙي ڪنڌ وڍيندو
ٻانهون ڄنگهون سنڌ ۾ وڍيندو
پو جيئن تون ٿي ڏ ڏ ولوڙين
يا جيئن پنهنجا وڳ ٿي ووڙين
سڀڪنهن سيني سڄ ڪڍي هو
پاڇارين مان پڄ ڪڍي هو
غيرت وارا عظمت وارا
ووڙي ايندو همت وارا
هن جا پو مون نيڻ ڏٺا ها
تن ۾ ڪيئي ويڻ ڏٺا ها
لک ڪروڙين ڏاتا ڏاتا
هر ڪنهن جا ها ڳهرا ڳاٽا
هرڪو ڏاڍيان هيئن چوي پيو
ٻانهون لوڏي هيئن چوي پيو
هاڻي ڌرتي ڌڙ ڌريندس
هاري ٿيندس هاري ٿيندس
پر تون ڏسجان مان ڇا ٿيندس
سڀ کان وڏ وڏيرو ٿيندس
ڇنن جا جيئن چوڏا ڇرڪن
مونکان وڏ وڏيرا ڇرڪن

جنهن تنهن کوڙا ڪس ڪرائي
يا ڪا ڪنهنجي لڄ ڪٽائي
ڇوريون ڏاڙا وهٽ وڃائي
مسڪينن جا خون ڪرائي
سارا ڪڙمين جيل پرينداس
امڙ آءُ....

---

**قيوم طراز**

## گيت

رات ڏٺو مون آهي سپنو
يار اڱڻ تي ايندو
شمل لڙوي ڪو ڪانگل پٽ تي
سپنو ساپيا ٿيندو
رات ڏٺو مون آهي سپنو
يار اڱڻ تي ايندو.
هر هر در ڪان سيس ڪيدي مان
ويٺي واجهه وجهان
نيڻن جي مون راهه وڇائي
پورن ۾ پئي پچان

ڪا جي گھڙي ٻرَ دير ڪيئه
سيڪو ميارون ڏيندو
رات ڏنو مون آهي سپنو
يار اڱڻ تي ايندو.

ٻامون ٻاسيان پيرَ پوڇان
پڳ پڳ ديپ جلايان

هاءِ اميدون پائي سؤ سؤ
تر تون نيڻ نهاريان

ڪيئن گذاريان غم جون گهڙيون
ڪيئن جيئڻ هٿ ٽيندو
رات ڏنو مون آهي سپنو
يار اڱڻ تي ايندو.

برها ۾ مان ناهيان آرَهي
برها جيون جوت سڄي

پر او منڙا ڏکڙا سهندي
هينئڙو هاڻ پيو ته ڄجي

آهه لڇڻ لئه ريت ملڻ جي
تو کي آلهه آڻيندو
رات ڏنو مون آهي سپنو
يار اڱڻ تي ايندو.

## زيب ڀٽي

تنها ڏينهن ۽ تنها راتيون،
پاتم تولئه جيءَ ۾ جهاتيون.

ڏک منهنجا ٿـو ڏيل ڏري،
ياد پون مون قربن ڪاتيون.

چاندوڪيءَ ڪي ٿي ڪنهن چهڪ ڏنا،
برهه سنديون سي تازيون ٻاتيون.

نيڻ نماڻا وسن نيسارا،
رُئنديون رهيون چڻ برساتيون.

اکيون اوميڙا توبن پيارا،
پيار ۾ پنهنجي چُپ چُپاتيون.

سيني تنهنجي سيس رکيو مون،
ڇوڙي ڇڏيون تو پنهنجون ڇاتيون.

ساهه جا سڏڪا چهرا چمڪيا،
ڪيئن وساريان وڻندڙ راتيون.

ڏکويل چنڊ جو 'زيب' وساڻو،
پوئين پهر آجهاڻيون حياتيون.

## سيد اڪبر

اسان پنڌ پياسين ڙي! چاڻي سڄاڻي،
پرين پاڻ چاڙو ڪريو پل پڄاڻي.

پريان هوءَ پريات وڌندي اچي پئي،
لڳي آهي نارن کي ڏس ڙي! ڏڪاڻي.

گهڙي تار ترندي سياري ۽ سانوڻ،
پکو ڪين پڄندي وتي جا ويڳاڻي.

اچي پئي اچي پئي اي ميهار موتي،
پلي ڏم ڏوراپا ڏئي پيو ڏينهاڻي،

پڇي پب ڏٺي ڪيئن انهنکي اي پڳلي،
ستي جيڪي چونديون سگهي ٿيوم ساڻي.

ڪنڌيءَ ڪينجهر جي هي ميڙو مچي ويو،
اگهي تڙ تماچيءَ ڪا نوري نماڻي.

اسان ڪاڪ راڻا اسان ڪاڪ ڄاڻي،
اسان پنهنجي مقصد جي مومل ته ماڻي.

ڏياچن جا ڏسجو ته ڪئين ڪنڌ ڪرندا،
اتي ڪنهن به چارڻ رکيو تند تاڻي.

وڏو وڏ ڦڙو ۽ وچون ڪن وراڪا،
اجهو ٿرجي واريءَ جي آ اُڃ اجهاڻي.

پلي آڳ ٻاريو اسان چر جا چاڙون،
اها چر اسانجي اچڻ سان اجهاڻي.

(چيني شعر) تـُوفو

سنڌيڪار: عبدالجبار جوڻيجو

# عاج جهڙيون ٻانهون

اج رات فُوچـُو ۾ چانڊوڪي هوندي.
۽ هوءَ چانڊوڪيءَ ۾ جهاتيون پائي تڪي هوندي،
ٻار گهري ننڊ ۾ هوندا.
انهن کي پنهنجو پيءُ خواب ۾ به نظر ڪونه ايندو هوندو.
هـُن جا ڪارا ڪارا وار،
عاج جهڙيون ٻانهون،
ٺارَ ٺاري، وڏيون هونديون.
ڪڏهن؟
افسوس ڪڏهن اسين وري گڏباسين.
دريءَ وٽ گڏ ويهي،
چانڊوڪيءَ کي سڪل اکين سان ڏسنداسين.
اهو سات ۽ اهو فـُوچـُو!
افسوس آءٌ ڪيترو بيوس آهيان!
۽ منهنجي بيوس زال!

---

تـُوفو (٧١٢-٧٧٠ع) چين جي پراڻن شاعرن ۾ تمام اهم ۽ مشهور شاعر آهي. هن سڄي زندگي، بک، بيروزگاريءَ ۽ رجعت پسند حڪومت جي عملدارن جي ظلم کي سهندي گذاري. هي نظم ٿِوفِوءَ، چانگ آن قيد ۾ لکيو. ان وقت سندس زال فوچـُو شهر ۾ هئي.

سنڌي ٻولي ۽ رومن رسم الخط

# مضمون

غلام محمد لالپر

پڙهندڙن جا خط

# تنقيد ۽ رايا

پڙهندڙن وٽان

اسانجو ملڪ ترقي ڪري سگھندو. منهنجي خيال ۾ اهو چوڻ مناسب ڪونهي. ڇاڪاڻ جو ترقي جو راز ٻوليءَ جي رسم الخط ۾ نه آهي، پر ترقي جا راز ڪي ٻيا آهن. جن ملڪن ۾ رومن رسم الخط مروج نه آهي، انهن ملڪن به عظيم الشان ترقي ڪئي آهي. جھڙوڪ چين. خود اسانجي ملڪ ۾ به عوام جو هڪ اهڙو طبقو موجود آهي، جيڪو دنيا جي چند ترقي يافته طبقن مان آهي. ۽ انهنجي ٻولي آهي 'گجراتي'. جنهنجو پڻ رسم الخط رومن نه آهي. تنهنڪري اهو چوڻ ته مذڪوره رسم الخط اختيار ڪرڻ سان اسانجي زبان ۽ اسانجو ملڪ ترقي ڪندو، سو سراسر غلط آهي. ۽ حقيقت ۾ ملڪن ۽ قومن جي ترقي جا راز سندن ٻڌي، اتحاد، اڻٿڪ محنت، ارادي جي پختگي، اڻ ورچائي، جذبي جي استقلالي، ايمانداري ۽ وسيلن جي موجودگي تي منحصر آهي.

---


نيو يارڪ (آمريڪا) ۾

ماهوار

# سُهڻي

هيٺ ڏنل ايڊريس تان وٺي سگھجي ٿي
يا خط لکي گھرائي سگھجي ٿي.

Salim Shah
'SHALIMAR'
2933, B. Way,
N. Y. N. Y. 10025

